نئون مهاڳ

# تنهنجي ياري ۾ مون کان پڇن ٿا

مون کان اڪثر، ورائي ورائي پڇيو ويو آهي تہ سنڌو ڪير آهي؟ مون بہ اڪثر ڪِلي، سوال جو جواب لنوائي ڇڏيو آهي. مون کي لاڳيتو پڙهڻ وارن کي خبر آهي تہ مان وڏو چرچائي بہ آهيان. پر، اِها بہ ڳالهہ آهي جو منهنجا چرچا ٻڌي ماٺهو روئي پوندا آهن. ماتمڪدي ۾ ويجهي رهندا آهن ۽ مون کي بددعائون ڏيندا آهن. مان ماٺهن کي جڏهن روئارڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، تڏهن ماٺهو کِلي کِلي کيرا ٿي پوندا آهن ۽ هٿ کڻي مون کي دعائون ڏيندا آهن.

مان اڄان تائين فيصلو ڪري نہ سگهيو آهيان تہ مان ڪو



www.sindhsalamat.com

”ان ڳالهہ تان لهي وڃ بچان.“

”ڇو؟“

”بس منهنجي ڳالهہ مڃ، اجايو ضد نہ ڪر.“

”ايئن ڇئہ تہ ڄاڻين ڪجهہ بہ نہ ٿو اجايورعب ٿو رکين.“

”اها ڳالهہ ناهي بچان!“

”ڪوڙا ڪنهن جاءِ جا!“ بچان پنهنجي مڙس جو نقل ڪندي چيو ”پروفيشر هاشانند زادوگر منهنجي نجوم جو متقد هوا هونهہ!“

”تو منهنجي غيرت کي للڪاريو آهي، بچان.“ گامونءَ پنهنجي زال جي اکين ۾ ڏسندي چيو ”تنهنجيون اکيون هوبهو مٿل ڏنيري جي اکين جهڙيون آهن، پر تنهن هوندي بہ نهايت خطرناڪ ٿيون ڏسجن، مان ڊپ وچان توکي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيندس.“

بچان کي پنهنجي مڙس گامونءَ تي ڏاڍا خار لڳا. عام حالتن ۾ جيڪر مٿو ڪڇو ڪري ڇڏيس ها، پر ڊپلوميسيءَ جو ثبوت ڏيندي خاموش رهي. فقط ايترو چيائين، ”چڱي طرح هٿ ڏسي، مون کي ڊڳڻ جي باري ۾ هر ڪا ڳالهہ ٻڌاءِ“

گامون پنهنجي پتڪڙي پٽ جو پتڪڙو هٿ ڪٽي پنهنجي هٿ ۾ جهليو ۽ چيو ”ڊڳڻ وڏي لاڏ ڪوڏ سان پلجي وڏو ٿيندو. ماءُ پيءُ جو ڏاڍو پيار ملندس.“

بچان خوش ٿي کلڻ لڳي.

”پوءِ هڪڙي ڏينهن ڊڳڻ اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي مان اڪ ڪارا ڪري يعني علم حاصل ڪري فارغ ٿيندو ۽ ڪجهہ عرصي تائين بيروزگار رلندو رهندو.“

”آئي مان مُئيس!“

”پر پوءِ، هڪ نپٽ جاهل، پر وڏي اثر رسوخ واري معزز شخص جي سفارش سان ڊڳڻ کي نوڪري ملندي.“



www.sindhsalamat.com

## پيت

ٻڌو هوم تہ پيتين کي ڪن ٿيندا آهن، تنهنڪري پيتيون ٻڌي سگهنديون آهن. اها معلومات ملڻ ڪانپوءِ مان خوش ٿيو هوس. سرهو ٿيو هوس. ورنہ مون کي اها خبر هئي تہ پيتيون خاموش هونديون آهن. پٿر وانگر بيحس هونديون آهن. پيتيون مڪين لاءِ ماتمڪدو تہ ٿي سگهنديون آهن. پر مڪين جي ماتم ۾ شريڪ ٿي نہ سگهنديون آهن، پيتيون غم ۾ شريڪ نہ ٿينديون آهن. پيتيون دل کي آٿت نہ ڏينديون آهن. پيتيون، بس پيتيون آهن! خاموش تماشائي!

پر پوءِ ڪنهن سياڻي ڪانوَ مون کي ٻڌايو بلڪ منهنجي ڪن ۾ وڌو، تہ پيتين کي ڪَنَ ٿيندا آهن. مان خوش ٿيس.

پوءِ هڪڙي ڏينهن، مون هڪ پيت سان ڳالهايو. پيت کي چيم، ”پيت،



www.sindhsalamat.com

ڪي نانيءَ جي تنبيهہ تي ڪلڻ آيو.

منهنجي نانيءَ منهنجي ڪلڻ تي اعتراض ڪيو. چيائين، ڇورا، اڄ ڪِلين ٿو، سڀاڻي روئيندين- نانگن جي ٻرن ۾ هٿ ٿو وجهين، هڪ ڏينهن پڇتائيندين.

پوءِ مون اوڙي پاڙي ۾ پِر واري قبرستان جي نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهي ڏٺو. ڪجهہ نہ ٿيو. مون ان جو نانيءَ سان ذڪر ڪيو. نانيءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. چيائين تہ اهي نانگ الائي ڪيڏانهن ويا، جن جي ٻرن ۾ جڏهن هٿ وجهبو هو تہ اُڦٽ ڦٽڪائي ماري وجهندا هئا!

پوءِ هڪڙي ڏينهن منهنجي ناني مونکي تنبيهہ ڪندي مري ويئي. مان سمجهان ٿو تہ منهنجي نانيءَ جي مرڻ ۾ سندس تنبيهہ جو هٿ هو. هوءَ جيڪڏهن مون کي نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهڻ کان منع نہ ڪري ها تہ جيڪر ڪجهہ عرصو وڌيڪ جيئري رهي سگهي ها ۽ اونهاري جي گرمي سهڻ جو ثواب حاصل ڪري سگهي ها. بهرحال منهنجي ناني تنبيهہ ڪندي مري ويئي.

نانيءَ جي مرڻ جو مون کي ڪجهہ ڏينهن تائين افسوس رهيو ۽ سندس ڏک ۾ مون نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهڻ ڇڏي ڏنو. ڳپل وقت کان پوءِ، نانيءَ جي ياد جڏهن منهنجي دل تان لهي ويئي تڏهن نانگن جي ياد دل تي تري آئي.

مون زندگيءَ ۾ ٻيهر نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهڻ شروع ڪيو. هڪڙي ڏينهن جڏهن مان نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهي رهيو هوس، تڏهن پٺيان سنگيت جهڙو آواز ٻُڌم. ڪنهن پڇيو "ڇا پيو ڪرين؟"

هڪدم منهن ورائي پٺتي نهاريم. چيم، "جيئرن نانگن جي ٻرن ۾ هٿ پيو وجهان."

هوءَ کلي پيئي. جڻ ستن سُرن جو پڙلاءُ ٿيو. چيائين، "ورهيہ ٿيا جو نانگ ٻر ڇڏي وستين ۾ وڃي رهيا آهن. هينئر اهي نانگ تنهنجي



www.sindhsalamat.com

# آئينو

نت نانگر منهنجي عادت آهي. ان ڏينهن سوٽ پوٽ پائي، ناءِ ٻڌي ۽ تيل ڦليل ڪري مان سڌو وڃي آئيني آڏو بيٺس. آئيني تي دز چڙهيل هئي، ميرو ڪپڙو ڪڻي آئيني تان دز لاٿم ۽ پوءِ ڏاڍي پاٻوهه مان آئيني ۾ پنهنجو عڪس ڏٺم.

مارا! منهنجا ته طاق لڳي ويا. عڪس ۾ منهنجي بدران هڪ گدڙ سوٽ بوٽ پائي، ناءِ ٻڌي، تيل ڦليل ڪري بيٺو هو ۽ مرڪي مرڪي مون ڏانهن نهاري رهيو هو. مون کي آئيني جي اها حرڪت قطعي پسند نه آئي. آئيني کي پارا تا ڏيندي چيم، ”تون دُنيا جو سڀ کان بدتميز آئينو آهين، جو عڪس ۾ مون بدران گدڙ کي ڪڻي ڏيکاريو اٿئي.“



www.sindhsalamat.com

# فرق

چينو هڪڙي ڏينهن ڦتل ناسپاتي وٽي آيو. پڇيو مانس، ”اڙي
چينا، هي ڇا آندو اٿئي؟“
جواب ڏنائين، ”صوف“
”ڦتل ناسپاتيءَ کي چريا صوف ٿو چوين!“ چيني کي چيم، ”تون
صوف بدران ناسپاتي وٺي آيو آهين.“
”ايئن وري ڪيئن هوندو!“ چيني حيران ٿيندي چيو ”مون ميوي
واري کان صوف گهريو هو. هن مون کي صوف ڏنو آهي.“
”تو برابر ميوي واري کان صوف گهريو هوندو چينا، پر هن توکي
صوف بدران ڦتل ناسپاتي ڏني آهي.“ مون چيني کي چيو. ”ميوي واري
توسان دوکو ڪيو آهي.“



www.sindhsalamat.com

# چريائي

ڪالهه مون پنهنجي ننڍڙي ياءُ چيني کي عجيب حرڪت ڪندي ڏٺو. هو ادب سان ٻڪرن آڏو ويٺو هو.

چيني کان پڇيم، ”ڇا پيو ڪرين؟“

جواب ڏنائين، ”ٻڪرن کان ٻير پيو گهران.“

”ڇا!“ مان حيران ٿيس. چيم، ”چينا ٻڪرن کان ٻير پيو گهرين!“

وراڻيائين، ”ها، ٻڪرن کان ٻير پيو گهران.“

پڇيومانس، ”چريو ته نه ٿي پيو آهين؟“

ڪليو جواب ڏنائين، ”ٻڪرن کان ٻير گهرڻ ۾ ڪو عيب آهي ڇا!“

”عيب ته ڪونهي.“ چيم، ”پر، ڪجهه عجيب پيو لڳي.“

”عجيب توکي لڳندو هوندو.“ چيني چيو ”تون پوڙهو ٿيندو پيو



www.sindhsalamat.com

منهنجو ڪنڌ جهڪيل آهي، پيو تہ مون پاڻ آئيني ۾ پنهنجو عڪس ڏٺو آهي. منهنجو ڪنڌ جهڪيل آهي.“

”تي سگهي ٿو آئيني ۾ ڪا خرابي هجي.“ هوميوپيٿي ڊاڪٽر چيو. ”ڪجهہ آئينن ۾ عڪس ڇپو ٽنڊو نظر ايندو آهي.“

”آئينو غلط ٿي سگهي ٿو ڊاڪٽر.“ چيم. ”پر منهنجو بينو پاءُ چينو غلط ٿي نہ ٿو سگهي. هن چيو آهي تہ منهنجو ڪنڌ جهڪيل آهي.“

ان ڪان پوءِ مان هڪ ويج وٽ ويس. ويج سان اندر جو حال اوريم. ڪيس پنهنجو جهڪيل ڪنڌ ڏيکاريم.

ويج چيو. ”مونکي پنهنجو پير ڏيکار.“

چيم. ”منهنجو پير نہ پر ڪنڌ جهڪيل آهي، ويج.“

ويج چيو ”تون مونکي پنهنجو پير ڏسڻ تہ ڏي“

پڇيم. ”پير ۽ ڪنڌ جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي.“

ويج وراڻيو ”جڏهن پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻبو آهي، تڏهن ڪنڌ خودبخود جهڪي ويندو آهي. تو پنهنجي پير تي ڪهاڙو هنيو آهي، تنهنڪري تنهنجو ڪنڌ جهڪيل آهي.“

ها اڄڪلهہ منهنجو ڪنڌ جهڪيل آهي. مون پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو آهي.

***



www.sindhsalamat.com

# لوھي ٽوپلو

چيني چيو، ”ادا مون چوندڻ لاءِ تياري ڪري ڇڏي آھي.“

مونکي تعجب لڳو چيم، ”چينا تون ورھين ڪان پوءِ ووٺ ڏيڻ واري عمر کي رسندين. تو چوندڻ لاءِ ڪھڙي قسم جي تياري ڪئي آھي.“

چيني چيو ”مان ھڪ لوھي ٽوپلو وٺي آيو آھيان، بلڪ بہ لوھي ٽوپلا وٺي آيو آھيان.“

ھو ڊوڙندو پنھنجي ڪمري ڏانھن ويو ءِ اُتان ٻہ ڪٺ ڪاڏل ڇپا ءِ گھڻ پيل فولادي ٽوپلا ڪڍي آيو. ھڪ ٽوپلو مون کي ڏيندي چيائين، ”ھن ۾ گھڻ گھڻ آھن. ھيءُ ٽوپلو تنھنجي لاءِ آندو اٿم.“

ڳالھ جي تھ تائين پھچي نہ سگھيم. چيني ڪان ھڪ لوھي ٽوپلو



www.sindhsalamat.com

“ها، تنهنجي لاءِ ۽ تنهنجي خاطر چريو آهيان؛ پر هونءَ مان وڏو پلستر آهيان.”

“اهو تہ تنهنجو شڪل مان ظاهر آهي.”

“ڪا پاڪستاني فلم تہ نہ ڏسي آئي آهيان. جنهن ۾ هڪ نازڪڙي هيروئن پنجاه غنڊن کي موچڙا هڻندي آهي!”

کلندي رهي. مان ڏانهنس ڏسندو رهيس.

پڇيائين، “چا پيو ڏسين؟”

چيم، “ڏسان پيو تہ تون آهين بہ يا منهنجي نظر جو فريب آهين.”

چيائين، “ڪهڙيون چريون ڳالهيون پيو ڪرين..!”

“هن زندگيءَ جي مامرا ئي آهي، سنڌو.” چيم، “جنهن تي هئڻ جو گمان هوندو آهي. سو اصل ۾ نہ هوندو آهي.”

“مان تنهنجي سامهون آهيان، تڏهن بہ منهنجي هئڻ تي گمان اٿئي!”

مان نظر جي فريب کان ٿهندو آهيان.”

“تہ پوءِ اعتبار چا تي ڪندو آهين؟”

“دل جي چئي تي”

“دل چا ٿي چويئي؟”

“چا جي باري ۾”

“منهنجي باري ۾”

“تہ تون آهين.” چيم، “تون منهنجي روح ۾ آهين. ذهن ۾ آهين. تصور ۾ آهين. منهنجين تحريرن ۾ آهين.”

سنڌوءَ پڇيو “پلا هڪڙي ڳالهہ تہ ٻڌاءِ ، زندگيءَ ۾ اهو مقام ڪڏهن ايندو آهي، جڏهن قربت وڇوڙو محسوس ٿيندي آهي ۽ وڇوڙو قربت محسوس ٿيندو آهي؟”

منجهي پيم. جواب سمجهہ ۾ نہ آيو.



www.sindhsalamat.com

پڇيو مانس، "اها رات ياد اٿئي، جڏهن انياءَ جا رٿ اسان جي ڳوٺ تي ڪاهي آيا هئا ۽ اسان جي وستي رت ۾ ٻاهه ۾ ملائي ويا هئا."

"ها، اُها اجگر جهڙي رات مون کي ياد آهي." سنڌوءَ وراڻيو. "ان رات کان پوءِ اسان جي وستي موهن جو دڙو سڏجڻ ۾ آئي."

"ان رات به اسان جي راهن ۾ اونده هئي، سنڌو." چيم، "پر اسين هٿ هٿ ۾ ڏيئي وڌندا رهيا هئاسين. اسان جي وستي موهن جو دڙو سڏجڻ ۾ آئي. پر اسان ٻيون وستيون آباد ڪيون. اسان دل جا شهر آباد ڪيا."

"ها، مون کي ياد آهي." سنڌوءَ چيو "پر اُها اونده اهڙي نه هئي، جهڙي اڄ اسان جي راهن ۾ وڇائجي ويئي آهي."

مان خاموش رهيس. ڏانهنس ڏسندو رهيس.

"هر طرف اونده آهي. وک وک تي واسينگ آهي." سنڌوءَ چيو "مان هڪ وک وڌي نه ٿي سگهان."

"همٿ ڪر، سنڌو." چيم، "نيٺ ته اونده لهندي، ظلم جي نگري ڍهندي."

"نه" سنڌوءَ چيو "مون کي ايئن ٿو محسوس ٿئي، هن دفعي هيءَ اونده نه لهندي، سج جو سج نه اُڀرندو. مان اونده جي پاتار ۾ لهي ويندس ۽ وري نه اُڀري سگهندس."

" نه، نه" چيم، " ايئن نه چئه، سنڌو. وري واءُ ورندو. وري ڪوئي چارڻ، چانگي تي چڙهندو. ڌرتي جي سيني مان نئون نسل نڪري، اونده کي چيري نئين واٽ ڳولي، لاٽ ٻاري، منزل جو سونهون بڻبندو."

سنڌوءَ چيو " تاريخ تي ڪو جلد ٻڌرائي ڇڏ. ڇوجو هينئر نئون باب نه لکبو."

پڇيو مانس، "نئون باب ڇو نه لکبو سنڌو؟"

وراڻيائين، "ڇوجو نئون باب لکڻ واري مَسُ وقت جو ٻاٺو تيل



www.sindhsalamat.com

رکنديون؟"
"ماڻهو هڪٻئي جي حوالي سان سڃاتا ويندا آهن." چيم، "مان تنهنجي حوالي سان سڃاتو ويندس. منهنجو پنهنجو ڪو وجود ڪونهي."
مُنهنجون ڳالهيون ٻڌي سنڌو اُداس ٿي پيئي. مون کي اعتراف آهي ته مان پنهنجي غم پسند طبعيت جو عڪس، سنڌوءَ جي سدا حيات وجود تي وجهي ڇڏيندو آهيان. مان پنهنجي ڳالهين سان ڪيس اُباڻڪو ڪري ڇڏيندو آهيان. مڃان ٿو ته مون کي ايئن ڪرڻ نه گهرجي. پر، مان مجبور آهيان. مان متيءَ جو ماڻهو آهيان. ٻڇي پوندو آهيان-ٻُري پوندو آهيان. منهنجي درد کي صرف اُهي سمجهي سگهندا آهن، جن ڌرتيءَ جي حوالي سان محبت ڪئي آهي. جن ڌرتيءَ سان توڙ نڀائڻ جو وچن ڪيو آهي.
سنڌوءَ پڇيو "موڪلايون؟"
"محبت وصال ۽ قربت جي محتاج نه ٿيندي آهي. سنڌو." چيم، "تون وڃ، مان توکان پري به توسان محبت ڪري سگهان ٿو. تون ڀلي وڃ."
سنڌو ويئي، ته شاهه سائينءَ جي بيت جي هڪ سٽ جهونگاريندي ويئي.
"ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سڄڻين!"
***



www.sindhsalamat.com

